# رنگ رتا پيچرا



سوز هالائي

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# رنگ رتا پيچرا

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مالڪي جا سڀ اختيار ليکڪ وٽ هٿيڪا

•

ڪتاب: رنگ رتا پيچرا
شاعر: سوز هالائي
ڪاپيون: هڪ هزار
ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس،
مدينه مارڪيٽ حيدرآباد.
ڪمپوزنگ: محمد اسحاق 'نيازي'
ڇپائيندڙ: سنڌ گريجوئيٽس، ايسوسيئيشن هالا [پراڻا]
ڪور ڊزائن: فتاح هاليپوٽو
ڇپائي جي تاريخ: آڪٽوبر ١٩٨١
ڇپائي سونهان:

آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد.

ملهه: پندرنهن رپيا

•

**RANG RATA PECHRA**
Verses in Sindhi *by*: SOUZ HALAI
*Published by*: SIND GRADUATES ASSOCIATION HALA (PURANA)
(PAKISTAN 1981)

www.sindhsalamat.com

# رنگ رتا پيچرا




[شعرن جو مجموعو]

١٩٨١ع

سوز هالائي

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن
هالا چيپٽر

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خالد حسين
صدر
سهڻي روشن تارا پبليڪيشن
هالا پراڻا سنڌ

**ارپنا:**

منهنجي پياري ڀاءُ:

**مرحيات محمد ابراهيم**

جي ناءُ جنهن جي رسيلي راڳ ــ منهنجي گيتن
ڪي رچنا ڏني!


Scanned with CamScanner

نه ڏاري، ون يونٽ ڪان پوءِ آيل ٿيءِ سهل پسنديءَ وارو شارٽ ڪٽ ڳولي ڪڍيو، ان سهل پسنديءَ ڪان بچڻ جي نه رڳو، لڳن سان سرجيو، يا انهن ڪٿي چٽجي نه جن ۾ به ڪي ڪيا ڏسڻ ۾ آيا، مون انهن جي سدائين اڳتي وڌڻ آجيان ڪئي، 'سوز' هالائي به انهن ئي شاعرن مان آهي، جن ماڳ جي تلاش هر حالت ۾ جاري رکي:

ڏور آ منزل اڃا ميڄڻو پيو
آ سفر اوکو مگر ڪٽڻو پيو
(ص ١٧)

"رنگ - رتا پيچرا" جو پاڻديڙو 'سوز' هالائي شاعر به آهي، اها سڌ تڏهن پيم، جڏهن ٿماهي "مهراڻ" لاءِ هن ڪجهه شيون موڪليون:

— رات سڄي سانگين جا، ولر ۽ واڙا سارين

— رڃ ۾ ريهون ڪندي، تڙ تڙ تاڙا سارين

— سرتين جا ساٿيهه ۾، روڄ ۽ راڙا سارين
(ص ٩٤)

۽

اُيري اُلٽا ڪيترا، چنڊن پوڀان چنڊ الا
ملي مارن سان ڪلي ڪير پيان.
(ص ١١٣)

۽ ڪافي ۽ وائي جي رنگ ۾ چيل اهي شيون مون بنا ڪنهن دير جي ڇاپيون.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

’سوز‘ سان هونئن ته آڳاٽي ملاقات آهي، تڏهن کان جڏهن هو ”جهڙا گل گلاب“ پروگرام جي ڏس ۾ ’عاجز‘ مرحوم کي ”جنڊيءَ“ جي موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ريڊيو اسٽيشن تي وٺي آيو هو، مون کي اها تڏهن ئي خبر هئي، ته ’سوز‘ سنڌي شاعري ۽ سنگيت جو سڌو ايلچي آهي. ۽ هاڻي هو ڌرتي- ماءُ جو قرض لاهي رهيو آهي ۽ ماءُ جي ٿڃ ملهائي رهيو آهي:

هڪڙي ماءُ اڃا به اٿيئي
جيڪا تنهنجي جيجل آهي
جيڪا تنهنجي آڏل آهي
تنهنجو نالو سنڌڙي آهي
تنهن سان پنهنجو نينهن نڀائج
مٺڙا منهنجي ٿڃ ملهائج

’سوز‘ بيت، وائي، ڪافي، غزل، نظم، آزاد نظم، گيت ۽ ٻين جي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پابند صنفن ۾ هو وڌيڪ ڪامياب آهي.

آزاد نظم يا نثري نظم جي نالي ۾ ان دور ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ۽ ڇپيو پئي ويو، (۽ اڃا اهو سلسلو جاري آهي)، ان کي ڏسي ڪري شاعريءَ نان ارواح ئي پلجي تي ويو، ان عرصي ۾ جيڪو ٿورو گهڻو ٽئلينٽ اسريو، اهو به ان هڪ هئيءَ جو بڪ ئي ويو:

الا اکهامي ويئيون، ڪوڙيون ڪوتائون،
پوءِ به چپ آئون!

دراصل ڳالهه رڳو چپ رهڻ جي ناهي، پر چپ رهڻ جي احساس جي آهي- ۽ اهوئي احساس ’سوز‘ جي شاعريءَ جو محرڪ بڻ آهي:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڏورين ورڪا

ڪلا ڪيتر جي رنگ- رتن ڀيڇرن تي مس پنهنجا پير پساريا اٿم. انهيءَ ڏس ۾ سچ ۽ سندرتا کي ساڻ کڻي ڪوتا ڪرڻ جي لٺ، هٿ ۾ جهلي مارڳ پار نڪري پيو آهيان. مارڳ، جيڪو سچ سمان ڏور ڏور آهي/ٿيندو پيو وڃي. مان پنهنجا ڪومل جذبا- پوتر، پوتر احساس، ننڍل ننڍل سپنا (جن جي ڪائي مايا نه آهي) ۽ ڪيئي ڪنواريون ڪلپنائون ساڻ کڻي، جيون- رنگ ماڻهو ڪاڻ انهن رنگ- رتن ڀيڇرن تي ڪنهن ڀڪشوءَ سمان ڀٽڪي رهيو آهيان. جن جو ڪو به ماڳ ناهي. (ڀلا ڪنهن ڪلاڪار ماڳ، ماڻهو به آهي ڇا؟)- ۽ شايد ماڳ ماڻهو جي اها سڌ- هر فنڪار کي ڪجهه نه ڪجهه چوڻ/جو اتساهه ڏياري ٿي- ۽ ڪاش! مان به اهو ڪجهه چئي سگهيو هجان جيڪو ڪجهه چوڻ جي چاهنا منهنجي من ۾ ڪر کڻندي رهي ٿي.

مان بنيادي طرح سنگيت نگر جو واسي آهيان. سنگيت جا مڌر مڌر سر- منهنجي ساهه جي سهڪي سان گڏ ردم ڪندا رهندا آهن. مان ڪوتا ديويءَ کي به سنگيت ديويءَ جي حوالي سان سڃاڻان- منهنجي ڄاڻ ۾ ڪوتا ۽ سنگيت ٻئي پاڻ ۾ جاڙيون ڀينرون آهن. جن جو پاڻ ۾ اٿاهه پريم آهي ۽ جيڪي آدجڳاد کان هڪ ٻئي سان جيون، ساٿ نڀائي رهيون آهن.

مون ڪڏهين به پنهنجي ڪوتائن ۾ کي به خيالي پلاءَ نه پچايا آهن. ۽ نه ئي وري کي هوائي ڳالهيون ڪيون اٿم.

فقط اهو لکيو اٿم، جيڪو پنهنجي وياڪل نيڻن سان پنهنجي آس پاس پسيو اٿم، جيڪو محسوس ڪيو اٿم، ۽

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڀٽائي جي حضور ۾

سچ جو سچ مچايو تو جو، مچندو مچندو مچندو، رهندو
ڪين اجهامي سگهندو ڪڏهين، جڳ جڳاندر جلندو، رهندو

ٻاٽ واٽ ۾ تيز هوا ۾، ذات جو ڏيئو، ٻاريئہ جو،
سچ سمان ڪرڻا ڦهلائي، جڳ کي روشن رکندو، رهندو.

تنهنجي لوچ جي لهر لهر ۾، سانت نہ ڪائي اڇٽي آهي،
تنهنجي سوچ جو 'سنڌو' سائين! ساوڻ سياري وهندو، رهندو.

تنهنجو هر هڪ بيت ٻڌائي، سچ جون ساکون ساکون ڏيندو،
ڪوڙ ۽ ڪچ جا ٻنڌڻ ٽوڙي، حق جون هامون هڻندو، رهندو.

تنهنجي سڪ جي سسئيءَ کي هي، ڏونگر ڏاڍا ڪوه ڪندا،
تنهنجي پيار جو پنهل نوکي، مارڳ ۾ ٻيي ملندو، رهندو.

مارئي پنهنجي ماروئڙن سان، اهڙو نيهن نڀايو، جو،
ان جي اٽل ارادن آڏو، ڏيل عمر جو ڏڪندو، رهندو.

سهڻي سير ۾ گهڙندي رهندي، پيلو پڇندو پرندو رهندو،
عشق توڪل جي ترهي ني، نار ۾ نڪ ۾ ترندو، رهندو.

چارڻ ڪي نو چاه ڏنو، جنهن سر ۾ اهڙو 'سوز' پريو،
جو ڏيهہ، 'ڏيا چڻ' کان ڏيهاڙي، سرجون گهورون گهرندو، رهندو.





www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏور منزل آ اڃا مڃڻو پيو،
آ سفر اوکو مگر ڪٽڻو پيو.

وات ۾ ڪيڏا پيلي ڪنڊا هجن،
وک وڌائي پوءِ پي وجھڻو پيو.

رهبرن جي روپ ۾ رهزن مليا،
پنهنجو رهبر پاڻ ٿي ٿيڻو پيو.

مان ڀلا چپ ڪيئن رهان، ڪيسن رهان،
نيٺ مون کي پي ته ڪجھ چوڻو پيو.

وقت جي رفتار ۽ رخ کي ڏسي،
حالتن سان ناهه آ ڪرڻو پيو.

زندگيءَ ۾ زهر آهي قهر جو،
پر جيئڻ جي ڪاڻ سو پيئڻو پيو.

ها! حيات ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾،
ڪيترا ڀيرا مري جيئڻو پيو.

هن زماني ۾ ستم ڪيئي ڏنا،
'سوز' هڪ پيو پي ستم سهڻو پيو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

اڄ نه پورب پار ڪان ڪڙڪي ڪلي.
سڄ پڇو دلڙي هٿن مان وئي هلي.

بند ڪمري جي وٿين، ڳڙڪين منجهان،
سونهن ڪنهن جي وچ وانگر پئي ٻڪي.

اوڍيل اجرڪ جون ڦلڙيون ايئن لڳن،
چنڊ چوٽ تارن پيريل چادر ڍڪي.

ڪن ڏينهن جي، گهٽ پوسٽ بعد اڄ،
وصل واري هير آ ٿڌڙي گهلي.

تنهن سنهري ۽ سهاني شام جو،
ديد ديدن مان ملي وئي عيد ٿي.

پيار جي عنوان جو پهريون غزل،
عشق جي آڌار تي پنڙو رچي.

[جيون جو پهريون غزل]



www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

هاڻ ڦٽي ٿيو ڦارون ڦارون.
ڪنهن وٽ ڪونهي تنهن جو دارون.

هر ڪو پنهنجيءَ ۾ ٿي پورو،
ڪير لهي ٿو ڪنهن جون سارون.

مرڪ چپن ۾ سڏڪي پيئي،
نيڻن لاڙيون لڙڪن لارون.

'هيسيل هاڻ، هراسيل چهرا'،
ڪنهن کي، ڪنهن کي ڪن ڪوڪارون.

ڏينهن وانگي ڏيهه ڏنگي ٿو،
ڪنهن سان ڪريون پيار پچارون.

پل ته زمانو زور لڳائي،
پر نه ٽٽنديون تن جون تارون.

پرزا پرزا آخر ٿينديون،
دلبي دوڪي جون ديوارون.

ڪاڪ محل ۾ ڪنگ رڙن پيا،
راڻل!، سوڍل! موڙ مهارون.

لوڪ ميارون کوهه ڪنديون پر،
مارين 'سوز' ٿيون محب ميارون.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

چهرو چنڊ ڇپائي، ڇڏيو.
ڏارن روپ مٽائي، ڇڏيو.

گهگهه انڌيرن، تيز هوائن،
آس جو ديپ اُجهائي، ڇڏيو.

وڄ وراڪا ڏيندي، ڏيندي،
ڪنهن جو گهر جلائي ڇڏيو.

لاڪ وڇائي ساڪ سموري،
پرهه ڪفن آ پائي، ڇڏيو.

سورج گرهڻ منجهه اچي ويو،
پنهنجا نيڻ نمائي، ڇڏيو.

ڪير نياڻي يا نه نياڻي،
پاڻ نه نينهن نڀائي، ڇڏيو.

نير وهائڻ آهه اجايو،
پنهنجا لڙڪ لڪائي، ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

رات نري ۽ چنڊ لڙيو آ.
چرڪ پيا ۽ روح رڙيو آ.

سي ڪيئن دل تان لاهي سگهجن،
جن سان پنهنجو جيءُ جڙيو آ.

پيار تي پهرا آهن پوءِ بي،
ڪو ڪو ماڻهو قرب ڪڙيو آ.

لوڪ اسان تي ٺوڪ ڪري ٿو،
هيءُ جڳ سارو ساڙ سڙيو آ.

پريت جي ريت ڪريت جون رمزون،
جنهن نہ سڃاتيون سو سڙيو آ.

سج سڏائي چنڊ چوائي،
پلڪ پرينءَ جي سان نہ پڙيو آ.

’سوز‘ اسان جو سانگيئڙن سان،
روز ازل کان انگ اڙيو آ.

○

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

وطن وساري ڏيا آڏاسا.
چاري آهن چارئي پاسا.

نيڻ نماڻا ايئن اڇايل،
جيئن کي رڃ ۾ هرڻ پياسا.

برکا برسي، جرڙ برسيا،
تہ بہ تاسارا تڙ واريا ساہ.

ماڻهن وانگي منجهي ويڙهوا،
سير، پاءُ ۽ تولا، ماسا.

لاک لڳي وئي باک ٻڪي وئي،
’جمن‘ ڇيڙي آهي ’آسا‘.

ٻرهہ نئون پيغام پچايو،
چاڻ تہ وقت ورايا پاسا.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

سوچ جا سهڻا، پيارا پنڇي،
لوچ جي لامن تان ويا اڏري.

ڀاڳ مرادو پر پکيڙي،
واريءَ وانگر ويڙا وکري.

تو بن روح کي راس نه رانول،
چوڏهينءَ جي ٽڌڙي چاندوڪي.

ساوڻ من ياوڻ ڪونهي ڪو،
ڪنهن جي ڪارڻ، ڪويل ’ڪوڪي‘.

ڀاڳ ۾ ورهه ورهايون ويٺا،
مان ۽ منهنجي ڪا خاموشي.

ديپ جلايم، پر نه آئيو،
ڪانگل ڪوڙي لات لنئي هئي.

منهنجي ڪونا منجهه ملي ٿي،
ڀن - چڱ جهڙي مايوسي.



www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

آس جو آهه اجهاڻل آسڻ.
ڪوبه نه ڄاڻي ڪهڙي ڪارڻ.

ڏات ڏمرجي ويٺي شايد،
ڏانءَ ڪي پنهنجي ويڙا ڏاوڻ.

رڻ پٽ جهڙو جيون پنهنجو،
جنهن ۾ ڪوبه نه آهي وڻ ٽڻ.

سر ساموندڙيءَ جي واديءَ جان،
آهه اُجهاڻل من جو آنڱڻ.

چنڊ بنا ڪهڙي چانڊوڪي،
بن بادل جي ڪهڙو ساوڻ.

ڏيهه ۾ ڪوبه نه ڏياچ اٿئي،
چنگ نه چورج چريا چارڻ.

من مندر جو اڱڻ اونداهو،
ڪوبه نه آيو ڏيئڙو ٻارڻ.

ميت بنا سڀ گيت اڌورا،
وسري ويڙو سوچڻ لوچڻ.

ڪنهن جي تورن لاهڻ بدران،
’سوز‘ چڱو آ تورا ڳائڻ.

○

●

پرهه تي پکڙجي پيئي پيلاڻ، آهي.
لهي لاک ڏان ويئي لالاڻ، آهي.

انڌيرن کي اونداهه ويتر وکوڙيو،
نه چوڏهينءَ جي چهري ۾ چانڊاڻ، آهي.

نظر بد لڳي ويئي آهي چمن کي،
گلن جي ڳلن تي نه ڳاڙهاڻ، آهي.

جلي رک ٿيون سڀ اميدن جون مکڙيون،
هوا ۾ نه مهڪار ڪا هاڻ، آهي.

سڄي لوڪ کي چٽ ويو 'سڀ سرابي'،
مثل مات جي من ۾ مانداڻ، آهي.

سڄي رات روئندي ۽ رڙندي گذاريم،
اکين ۾ اڃا تاءِ آلاڻ، آهي.

نراسن کي آسون مڃائي نه سگهيون،
مگر 'سوز' آسن مڃي آڻ، آهي.



www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سور سانڍيندا، وتون، ۽ پور پاليندا ونئون.
لڙڪ پيئندا پوءِ بہ کلندا، مڪرائيندا ونئون.

حال محرم ناهہ ڪو، جنهن ساڻ سلجن سور ڪي،
پاڻ سان پنهنجا ادا! احوال اوريندا ونئون.

راز جون رمزون سڀئي، راز ۾ رکندا اچون،
نينهن جي ناسور کي، لوڪئون لڪائيندا ونئون.

زندگيءَ ۽ موت جي، ڇڪتاڻ ۾ ڇڪبا هلون،
روز مرندا، روز جهرندا، زخم ڪائيندا ونئون.

عشق جي آري ڪڏهن، بندش قبولي ڪانہ ڪا.
ان حقيقت سان سڀئي، نانا نڀائيندا ونئون.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

عشق ڏاڍو منتظر آهي اڃا.
حسن بلڪل بي‌خبر آهي اڃا.

ڪيستائين نينهن ٿو ترسي سگهي،
برهه بلڪل بي‌صبر آهي اڃا.

مون ستمگر کي ڀي سمجهيو مهربان،
سادگي سا سربسر آهي اڃا.

جنهن جي طوفان روز ٿئي سيني ڪشي،
منهنجي طوفان درگذر آهي اڃا.

هت وفا بدلي ملي جوروجفا،
هيءُ زمانو بي قدر آهي اڃا.

فاصلا گهٽجن بجاءِ وڌندا وڃن،
راهه ڏاڍي پر خطر آهي اڃا.

ڪنهن اڃاتي آسري تي پيا جيون،
هيءُ حياتي مختصر آهي اڃا.

دل کي آٿت آهي هو ايندو اوس،
رات جو پويون پهر آهي اڃا.

ريس ڪنهن جي پاڳ سان ڇا 'سوز' جي،
آهه جنهن جي بي اثر آهي اڃا.

o

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

محبت ۾ سيڪجهه لٽائي، تا چاڙهون.
۽ ڪلفت ۾ سينو سهائي، تا چاڙهون.

مخالف به پنهنجي اها ساک ڏيندو،
نه لائي، لڳائي نڀائي، تا چاڙهون.

وفائن، جفائن سندا راز ڪيئي،
دکيءَ دل ۾ ساندي سمائي، تا چاڙهون.

ڪڏهن ٻار وانگي رسون ۽ رسايون،
ڪڏهين محب پنهنجا مڃائي، تا چاڙهون.

اسين چنگ چاهت جا چوري پڇوري،
وڏي واڪ ڳائي وڄائي، تا چاڙهون.

محبت، مروت ۽ همت سان پنهنجي،
ويل ويل ڪي ٻي ورائي، تا چاڙهون.

اسان لاءِ سرڪي به ڪافي آ ساقي!
اسين بزم جي لڄ بچائي، تا چاڙهون.

دلاسن تي دل کي ڏناري، ڏناري،
ائين پرت پنهنجي پڄائي، تا چاڙهون.

اسين 'سوز' فرقت ۾ گهاري گذاري،
جڏو جيءَ پنهجو جلائي، تا چاڙهون.

o

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي اکيون نوڙي ميريون ڪڇن،
هوند اهي بينور ٿين.

تنهنجي لاءِ جي بد سوچن،
سي ذهن توائي شال ٿين.

جي چپ مخالف تنهنجي چرن،
شل بورين وانگي سي سبجن.

جي هٿ ڪنهين جا نوڙي وڌن،
سي هٿ ڪرائين ڪان ڪپجن.

پير، جي تنهنجا پيرا ڪڍن،
سي پير پڇن ڦلڙا ٿي پون.

جي تنهنجي وجود جا ويري ٿين،
’سوز‘ اهي پنڌپهه ٿين.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاڃي هاڃو هرڪو هند.
ڇئوڏس مڪر، فريب ۽ ڦند.

راهه اجاڻ، مان اڻ سونهي،
پار پرانهون، اوکو پند.

چارڻ، چنگ جي 'منڊ' سرن ۾،
اوتيو ماکيءَ جهڙو منڊ.

نيٺ نه پرچي سرچي پوندا،
ٽيئي: نند، ڪنارو، ڪنڊ.

مايا اڇڻي وڇڻي شيءِ آ،
مورک! ڏار نه ايڏو انڊ.

ڪيسين وار ڪندين او! ويري،
نيٺ ته ساڙا ٽيندءِ سنڊ.

اصلئون اوسيئڙن سان ڀنهنجو،
گهرو آهي 'سوز' سپند.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

ڪنهن سان هاڻ سور نہ سلبو،
ڪنهن پر پنهنجي پاڻ کي پلبو.

جيسين محرم راز نہ ملندا،
تيسين حال اندر جو السبو.

ڪنهن تي ڪو ويساهہ نہ آهي،
ڪنهن سان پنهنجو روح نہ رلبو.

دل ۾ درد هزارين سانديي،
مرڪي، مرڪي، مرڪي هلبو.

پنهنجون سوچون پنهنجون لوچون،
ڪنهن کي پلبو، ڪنهن کي جهلبو.

سچ چوڻ تي مچ مچي تو،
دنيا آهي دوکو دلبو.

سچ سچو سنسار لڳي تو،
چوڏس مايوسين جو غلبو.

’سوز‘ سياڻي نيٺ تہ ايندي،
نيٺ تہ نگرو دؤر بدلبو.

○

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ويران سرءِ جي شام، آهيان.
ڪا لهندڙ سج جي لام، آهيان.

تو بن منهنجي سهڻي سنڌڙي،
جو نہ خيال خام، آهيان.

جنهن ۾ سرڪ نہ ڪائي آ سو،
خالي خالي جام، آهيان.

ميمونءَ واري هوڏ آهيان،
’موشو‘ واري هام، آهيان.

نفرت جو مان ناڻ نہ ڄاڻان،
محبت واري مام، آهيان.

لڪي، ڇپي جو وقت هليو ويو،
هاڻي برسر عام، آهيان،

جڳ ۾ ’سوز‘ سچار هيس پر،
برهہ ڪيو بدنام، آهيان.

o

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

جهوليءَ ۾ آ چنڊ جهلي پيو،
واه! وصل جو واهُ گهلي پيو.

آپ ڇميو ڌرتيءَ جو ڇهرو،
’ڦگڻ رت‘ جو ڦوهه ڦلي پيو.

هيرن ۾ هٻڪارون آهن،
ڪتوريءَ جو منهن کلي پيو.

’عشق ۽ مشڪ‘ نه لڪندا ڪڏهن،
لوڪ سڄي ۾ هل هلي پيو.

مرڪ ڇپن تي موتي آئي،
اوسيئڙن جو روح رلي پيو.

’الغوزه‘ جي ’لئه‘ لهرن سان،
ڇيرين جو ڇمڪار ڇلي پيو.

’سوز‘ فراق ۽ درد جا لمحا،
هينئڙو آخرڪار ٻلي پيو.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رات جاڳي، ڏينهن وارا پيا سمهي.
چنڊ چڙهيو سڀ ستارا پيا سمهي.

رات جاڳي، مان به جاڳيس تون به جاڳ!
پهري وارا، اڄ پيارا پيا سمهي.

'مڌ' موکيءَ آهي اوتي جام ۾،
منهن ڍڪي سارا 'متارا' پيا سمهي.

رڃ ۾ پاڻيءَ ڦڙي ڪارڻ رلي،
مرگهه ويچارا اڃارا پيا سمهي.

'رئيس' جا پاليل ڪتا ڏاڍي ستا،
ڪيترا ماڻهو بکارا پيا سمهي.

وقت وارن تي جڏهن واڪا ڪيا،
ڪر مروڙي 'سوز' پارا پيا سمهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

ڏاڍو سور سٺايو آهي.
وار ورائي تو ويساهي.

لڙڪيل لاش فضا ۾ آهيون،
پيرن هيٺان ڌرتي ناهي.

بي سرتيءَ ۾ سڀڪجهه وسريو،
سپنو ڇاهي؟ ساڀيان ڇاهي.

واٽ وڃائي، لاٽ اجهائي،
رڃ ۾ ويو ڪو رولي راهي.

پس نہ پرهہ جا پهريان ڪرڻا،
اونداهيءَ جي عينڪ لاهي.

ڇور سڄو آ چنڊ جو ڇهرو،
ڪيئن چڪوري تنهن کي چاهي.

پنڇي اُڏريا، شور ٿيو آ،
آکيرا ڪنهن ڇڏيا ڊاهي.

اوسيئڙن ۾ ’سوز‘ اڏياسين،
ڌام ڌڪاڻا ڌاهي، ڌاهي.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

ائين لڳي ٿو چنگ چارڻ جا پيهر پرندا، ڪونه.
چا ٻه ٽڙي پر 'جا جڪ' کان جهونا ڳڙهه جهرندا، ڪونه.

گهرا گهاؤ لڳاسي، ڦٽ ٻه ڇٽندا، ڪونه.
هاڻي چپ نه ڪائي ڪلندي چپ ٻه چرندا، ڪونه.

ويل وهامي ويئي آهي، راڻل ورندا، ڪونه.
'ڪاڪڪڪور' نه هاڻي ايندي، ڪنول ٻه ٽڙندا، ڪونه.

رت سرءِ ۾ واءَ وصل جا، لاڙ لڳندا، ڪونه.
محبت وارا مينهن نه وسندا، پاند ٻه پسندا، ڪونه.

ڪنهن جي هنج ۾ هوشو هاڻي، هونگون ڏيندا، ڪونه.
سنڌڙي شايد 'سنڌ' ٿي ويئي، دودا جمندا، ڪونه.

سچ چوڻ ني مچ مچي ٿو، سچ ٻه چوندا، ڪونه.
هن ڌرتيءَ جي ڌوڙ مان هاڻي، ماڻڪ ملندا، ڪونه.

ڪنهن سورهيه جي سوڀ جا سهرا، شاعر لکندا، ڪونه.
ماضي، حال، ۽ مستقبل جا ورق ٻه ورندا، ڪونه.

○

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

نو وٽ طور طريقا، ڪوڙ،
مون وٽ آهن جذبا، ڪوڙ.

ساٿياڻن جي آشائن ۾،
آهن سندر سپنا، ڪوڙ.

سور ۽ پور ٻٽي، مونسان گڏ،
ننڊڙي لاڪون نپنا، ڪوڙ.

انسانن جي روپ ۾ آهن،
ماڻهو گهٽ ۽ پاڇا، ڪوڙ.

تو سان لنئون لڳي وٺي ورنه،
شهر ۾ آهن سهڻا، ڪوڙ.

دل وارن ڪي، روز ملن ٿا،
دم دلاسا دلبا، ڪوڙ.

آسن ني ٿا جيون گهارن،
چاهت وارا چريا، ڪوڙ.

پيار جي بدلي ’سوز‘ مليا هين،
اڏسا ۽ اوسيئڙا ڪوڙ.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

عشق وارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.
بيقرارن جي ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

مان خزان ۾ به خوش رهي ڇاڏان،
تون بهارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

مان انڌيرن جو رازدان، مون سان،
چنڊ تارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

جي سهارا نه ڏئي سگهين ٿو سچ،
پوءِ سهارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

جن وساريو حسين يادين کي،
تن پيارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

تو وڇوڙي جو سور ناهه سٺو،
انتظارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.

ساري دنيا کي تون وساري رکو،
’سوز‘ يارن جي، ڳالهه ڇو ٿو ڪرين.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

پنهنجي گهر جي درن درين جون.
ڇپڙيون چاڙهيو ويٺا آهيون.

گهٽ ٻوسٽ ۾ هاڻ منجهي ٿو،
پيا سهڪي سهڪي ساهه کڻون.

شهر ۾ ڪو راڪاس گهمي ويو،
پنڌ ــ پهڻ آ هرڪو ماڻهون.

ڇڙواٽي ٿي چور لٽيرا،
ڌاڙيو ٻڌيا هن سنگينون.

هر ڪنهن ويل هراسن جا ٿا،
گهرا گهرا گهاءَ سهون.

اجل اکڙين ساڻ ڏسي پوءِ،
ڌانهون ڪوڪون ڪيئن ڪريون.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

جت روح کي رنج والم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون
جت دل تي ظلم وستم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون

جت پيار مٿي پهرا نه هجن، دانگيءَ جهڙا چهرا نه هجن
جت برهه تي ڪو برهم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون

جت محبت پريا ماڻ هجن، ۽ پاسي پرين پاڻ هجن،
جت اکڙين ۾ آگم نه هجن، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون.

جي زخم هجن، مرهم به هجي، هردم ۾ ڪو همدم به هجي،
پل لڙڪ لڙن پرغم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون.

جت موتئي جي مهڪار هجي ۽ هيرن ۾ هٻڪار هجي،
جت مکڙي ڪا پرنم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون.

جت قدر سچائي لڙڪن جو، احساس هجي جت سڏڪن جو،
جت ڪوڙي ريت رسم نه هجي، هل چاهه چريا ان ماڳ هلون.

جت روساما پرچاءَ هجن، ۽ سچرين سان
جت قرب سوا ڪو ڪم نه هجي، سرچاءَ هجن،
هل چاهه چريا ان ماڳ هلون.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

شام جي لام، ايئن وئي ڍرڪي.
پاڻياريءَ جي سينهن سرڪي.

سانجهه، جهانجهه ۾ مانجهه وڇايو،
ڇمڪي ڇير ۽ ڇاڻي ڇرڪي.

اڀ جي لڙڪن جي ترڪڻ ۾،
تارا ڦٽڙا آهن ترڪي.

منهنجي سندر سندر سپنن،
سايپان مائي ڏاڍي ڇرڪي.

پرهه اچان پئي پنکيون ڪاڏي،
ڳهگهه جا گهيرا وڌڙا گهرڪي.

صبح سمي ڪنهن ڪنواريءَ وانگر،
سورج اوڍي آهه اُجرڪي.

•

پٿر ڏيھہ جا، ماڻھو پٿر،
جذبا پٿر، دليون پٿر،

پٿر ڏيھہ جا، ماڳ بہ پٿر،
رستا پٿر، راھون پٿر.

پٿر شھر جا واسي پٿر،
گھٽيون، گليون سڙڪون پٿر.

احساس سڀئي، پور پڄي ٿيا،
سوچون، لوچون ٽيڙيون پٿر.

سڌ پڙاڏا ٿي ويا سڀئي،
دانھون، ڪوڪون، آھون پٿر.

نيٺ نھاري ٿڪجي ٽيڙيون،
ھاءِ! اداسي، اکڙيون پٿر.

موني سمجھي جھول جھليم پر،
پنھنجو مقدر، ڪوڏيون پٿر.

لوڪ نہ ڇاڻي، ڇاھہ چرئي ڪي،
روز جھلن ٿا ’مجنون‘ پٿر.

پٿر ديس جي ھر شي پٿر،
’سوز‘ سنديون پڻ ڳالھيون پٿر.

○

●

جيون جهڙو آ سندر بڻ،
جنهن ۾ ديپ نه ڪو درپڻ،

آس جي ارٿي رک ٿي ويئي،
دور پيا جو آ درشن،

ڌرتي تنگ وڃي پئي ٿيندي،
پوءِ ٻه چپ آ نيل گگن،

چانڊوڪيءَ ۾ لڙڪجي ويڙو،
’پورنماسي‘ جو جوڀن،

بسنت رت ٿي ’ٻن چٽڪ‘ ياسي،
شرمائي ٿي مست پون،

پل ته هجي تن ميرو گداو،
پر نه شال ٿئي ميرو من،



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

جيون ڏسي پيو آ زهريلو،
رت رڳن ۾ ڏي ويو نيلو،

ساندي وانگر رنگ مٽائي،
هيءُ جڳ آهي رنگ رنگيلو،

ڪاري عينڪ پائي سان ڏسي،
دانگي پسجي ٿو اپ نيلو،

وات وڃائي ويٺا آهيون،
هائي ڪونه هلي ٿو حيلو،

سات نڀائي ڪين سگهيو سو،
جنهن کي سمجهيو هوم وسيلو،

چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ ڪناري،
'جمن' ڳايو راڳ رسيلو،

هرهنڌ ڪائي مات وڃي ٿو،
مون جهڙو سادو، شرميلو،

•

جيون سارو آ وهہ هاڙو،
هيڪل هيڪل ۽ ويڳاڻو.

هڏ هڏ چيريل، چچريل آهي،
سنڌ سنڌ آهي ساڙو ساڙو.

پاڻ اڏنا آهيون اصل کان،
هيءَ جڳ سارو آهي سياڻو.

نينهن نگر جا راهي آهيون،
پنهنجو ڪونهي ڪو بہ ٺڪاڻو.

اڄ اسان جو اوچو آهي،
ڏرتي ڏرٽو، پاڻهز وهاڻو.

نيڻ نراسا رهجي ويٺڙا،
آستانن جو ديپ اُجهاڻو.

ويل وهامي ويئي آخر،
رات نہ آيو روح جو راڻو.

خوشيون روح کي راس نہ آهن،
'سوز' فراق کي ساهہ سيباڻو.

٥

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار: چڪوريءَ جهڙو پيار
جنهن جو آر نه ڪوئي پار.

آس: ڪنارا سنڌوءَ جا جي،
وهن سدائين ڏاروڏار.

نيڻ نهار: نظر جو دوکو،
اپ ڌرتيءَ ڪان ڏور اپار.

سپنا: جن جي ساپيان ڪانهي،
سندر جهڙا لال ليار.

جيون: وهه جا وڻا پريل،
آءُ! اچي ڏس منهنجا يار.

راهون: پٿر، ڪنڊا، ڪاوا،
وک وک ني واسينگن وار.

گيت: پريمي، پياسي پنهنجا،
جنهن ۾ الفت جو اظهار.

منزل: نا معلوم پرانهين،
جنهن جي آهي خبر نه چار.

دين ڌرم: آ پيار اسانجو،
’سوز‘ گداز ٿيو اختيار.


Scanned with CamScanner

●

جي ديس مٿان قربان وڃن ٿا،
امر اهي انسان ٿين ٿا.

سورج وانگر پاڻ جلائي،
لوڪ سڄي کي جوت ڏين ٿا.

پوڙهه ٿي تن جي رت جا ڇنڊا،
مينهن وسارڻ جيئن لڳن ٿا.

تن جي لال لهوءَ جا ڪرڙا،
ٻولارن ۾ ٻيءِ پسجن ٿا.

جيون رت ۾ ان لئه آتا،
زنجيرون زندان ٿين ٿا.

ڌرتي تن ليءِ لاڏا ڳائي،
شاعر تن لئه گيت لکن ٿا.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن ڏات ڏمرجي وينديءَ آ، تڏهن ڏاڻهُ ٻه وسري ويندو آ،
هر سوچ وياڪل ٿيندي آ، هر اڌمو آه پڙهيندو آ.

ان مهل لڙي ٿا لڙڪ پون، ٿي تن من ۾ ماندان مچي،
جنهن مهل گلابي گيتن جو، ڪو پنڇي اُڏري ويندو آ.

جڏهن ڪاڪ ڪوماڻل هوندي آ، ۽ ماندي مومل ٿيندي آ،
تڏهن ويڳاڻن جيان واڻن ني، ڪو وره وراڪا ڏيندو آ.

جڏهن سچ وڪامي ويندو آ، ۽ ڪچ اگهامي ويندو آ،
اناالحق جو نعرو هڻندو ڪوئي، سوريءَ سامهون ايندو آ.

جڏهن وات وڄائجي ويندي آ، ۽ لاٽ اُجهامي ويندي آ،
تڏهن ڪاري ٻاٽ جي ڪک مان ظاهر روشن ڪرڻو ٿيندو آ.

جڏهن جيون ڪي ٿي جيت ملي، ۽ گيتن کي سنگيت ملي،
تڏهن ’سوز‘ اسان جي سوچن جو ڪو سهڻو ساٿيان ٿيندو آ.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

ساڻُ سُر سرجڻ ٿو چاهيان،
تولئهِ گيت رچڻ ٿو چاهيان.

سرهاڻ، سونهن جا، ڪجھ لفظ کڻي،
ڪوري ڪاڳر تي لکڻ ٿو چاهيان.

تنهنجي سندرتا جي انداز ۾،
نوان ڪي رنگ ڀرڻ ٿو چاهيان.

وري رت آئي، پڪل ٻيرن جي،
ساڳيائو جهول جهلڻ ٿو چاهيان.

تون جي ناهين تہ تنهنجي تصور سان،
اهوئي ورھ ونڊڻ، ٿو چاهيان.

من مندر جي ڪنهن مورتيءَ ڏان،
گلن جي ورکا ڪرڻ ٿو چاهيان.

دل جي ديول ۾ آ صليب ڪتل،
انت عيسيٰ جو ڏسڻ ٿو چاهيان.

مچل وانگي سمورو سچ ٻڌجي،
وڏي واڪي چوڻ ٿو چاهيان.

تو سان محبت ڪرڻ جي بدلي ۾،
ڪيئي الزام کڻڻ ٿو چاهيان.

o

•

اوا پيارا پيار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.
دلربا! ديدار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.

پنهنجي چيرن ۾ ڇپائي ۽ لڪائي ايئن ڇڏين،
جو سڄي سنسار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.

برهه جي برسات واريءَ، ڀيچ ۾ ڀڄندا رهون،
وڏڦڙي وسڪار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.

آ نه ڪي سنگيت ۾، سارنگ جا سرگم ڇيڙيون،
ميگهه ۽ ملهار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.

پيار تو پنهنجي جتي، ۽ نينهن نئين سڄ نئون ٿئي،
تنهن پرانهين پار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.

پيار جي وهنوار ۾ پل، جيتجي يا هارجي،
پر انهيءَ وهنوار ۾، هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

جا آس اڌوري، ٿيندي آ.
سا مشڪل پوري، ٿيندي آ.

ويجها آهيون پوءِ بہ الائي،
ڇا ڪئون دوري، ٿيندي آ.

ڪڏهين ڪڏهين سوچ اسان جي،
سچ سموري، ٿيندي آ.

سورن ساندڻ وارن ڪارڻ،
سيج بہ سوري، ٿيندي آ.

نياز ۽ نوڙت رهيءَ ڪڏهن ڪا،
نار نہ نوري، ٿيندي آ.

نيت تہ ڪنهن نا اهل سندي،
پدر پسوري، ٿيندي آ.

سر ملائي 'جمن' جيو هو،
هينئن 'معذوري' ٿيندي آ.

شعر لکڻ لئہ 'سوز' اسان جي،
ڪا مجبوري، ٿيندي آ.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

آشائن جي تاج محل جا،
چڪنا چور ٿيا سڀ شيشا.

ديوارن ۾ ڏار پيئا ٿي،
ڪڙ ڪڙ ڪن دريون دروازا.

'ڪوهه نور' جي جاءِ تي هاڻي،
ٺڪر جا ڍيئا به نه پريا.

ڪنڊر ڪنڊر پيئي پياسي،
سنگ مرمر جي سندرتا.

دل جي اُداس آڱڻ ۾ اڄ،
واريءَ جي ٿي آهه ورڪا.

چاهه جو 'شاهه جهان' ويچارو،
فوٽ پاٿن تي سمهيو پيو آ.

روح جي روپ نگر جو راهي،
بيچينيءَ جا گهاري لمحا.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

توکي ڳالھيون وسري، وڃون.
ونڃيءَ والگر اڱري، وڃون.

تنھن ھوا جي ھڪ جھولي سان،
پنکڙين جئن وکري، وڃون.

تنھنجون يادون ٻيڻ وانگر،
اڄن سچ لئن مر نسري، وڃون.

توکي ساري ساري ساڻن!
ڪٽي راتيون گذري، وڃون.

پٽ تي لڪن جان سارون،
من - ڦرھيءَ تي اڪري، وڃون.

روڪي ساڻ نہ رکجي سکھيون،
دانھون دل مان نڪري، وڃون.

منھنجون سوچون منھنجون لوچون،
بسنت رت جئن نکري، وڃون.

o

●

اڄ ته هر چيز تي اُداس لڳي،
آس هر ڪائي تي نراس لڳي.

چنڊ ڪي ڪا گرھڻ به ڪانهي ڪا،
پوءِ به چوڏس پئي اماس لڳي.

اڄ ته ساگر به سانت ۾ آهي،
اڄ ته سنڌو به پيئي پياس لڳي.

اڄ ته اجڙي ويو آرزو جو شهر،
اڄ ته ڪنڊر تي آس پاس لڳي.

'عبا' جي اوٽ ۾ چپيل قميص چهرن کي،
نرم لذيذ ٿو ماڻهو جو هڏ ۾ ماس لڳي.

اڄ ته جذبات جو ٿو دم گهٽجي،
اڄ ته ٿي سوچ بدحواس لڳي.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

گيت خوشيءَ جا راس، نہ آهن،
مَن جا محرم پاس، نہ آهن.

مونين جهڙا لـڙڪ اسانجا،
جذبا بـي احساس، نہ آهن.

آس لـڳائـي ويٺا آهيون،
اوميڙا بـيآس، نہ آهن.

ڪير چوي ٿـو؟ رت سرءَ ۾،
پيلا پـن اداس، نہ آهن؟

چنڊ، چڪوري ۽ چانڊوڪي،
شايد پاڻ ۾ راس، نہ آهن.

ڪڏهين ڪڏهين ايئن لڳي ٿو،
جڻ هي نيڻ نراس، نہ آهن.

مومل ڪـي يـي ماڻن جا آڄ،
اکڙين ۾ الماس، نہ آهن.

ڪڏهين 'سوز' ملي هڪ ٿيندا،
ڌرتي ۽ آڪاس، نہ آهن.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

بهارن ۾ نه ملياسين، خزان ۾ هاڻ، ملنداسين.
اکين ۾ اشڪباريءَ جي ڪٺي آلاڻ، ملنداسين.

ڏکن جي هير تڏڙيءَ ۾، ملي وڇڙي وياهاسين،
اتر جي اوت ۾ پيارا پرين پڪ چاڻ، ملنداسين.

الاجي ڇو نٿيون دل کي وڻن چانڊوڪيون راتيون،
اسين تارن جي ڇٽيل ڇات ۾ تو ساڻ، ملنداسين.

لڪائي لڙڪ ايندا سين، سجائي مرڪ ايندا سين،
ڏئي نيڻن کي نئين سر نينهن جي نرواڻ، ملنداسين.

ڪهين ناآشنا وانگر پلائي تو ڇڏيو جيڪر،
نه پوءِ مٺڙا محبت جا ڏئي اهڃاڻ، ملنداسين.

حياتيءَ جي وفاڪئي 'سوز' پوريون حسرتون ٿينديون،
جي ملنداسين نه محبت کي ملهائي پاڻ، ملنداسين.

•

توکي ساري ٻريم
روح ڀرجي ويم

رت ساوڻ سمان
نيڻ ڇلڪي پيم

سانت ايڪانت ۾
رات ڏاڍو رنم

من مندر اندر
تنهنجي پوڄا ڪيم

نانءُ تنهنجي سندي
ميت مالها جپيم

لوڪ جو نانءُ پيو
سر وم دکم دکم

ڏات ۽ ڏانءَ جا
لفظ جيڪي جڙيم

گيت جو ٻي رچئو
توکي ارپي ڇڏيم

•

ماڙهو ماڙهو پيڙهيل پيڙهيل،
چهرو چهرو هيسيل هيسيل.

شهر شهر جي چونڪ چونڪ تي،
رڳو رڳو رت ڳڙيل.

واٽ واٽ جي گهاٽ گهاٽ تي،
مقتل مقتل آهي سجيل.

نانءُ نانءُ جي هانءُ هانءُ ۾،
گهرا گهرا گهاءَ لڪل.

مک مک تي دک دک جا،
ليڪا ليڪا ليڪ لڪيل.

چپ چپ ۽ چپ چپ تي،
ماٺ ماٺ جي مهر لڳل.

ڏينهن ڏينهن جي رات رات جي،
پاڇي پاڇي ڪان چڙڪيل.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

سنڌو جي هن ڪنارن جهڙن سدائين ڏار، تون آهين.
مگر مون لئه پرين هي پار ۽ هو پار، تون آهين.

اهو سر ڏال آهيان، جنهن کي ڪو ڏيمپو، ردم ڪونهي،
ڏتل سنگيت جي تارن سندو سرتار، تون آهين.

جڏهن رم جهم جي رت آئي، ته مون هي گيت جهونگاريو،
سندم ساوڻ، سندم سارنگ، سندم ملهار، تون آهين.

وڏان ڏو نان ۽ تنهنجو، ڪير سان ڏو وات پرجيو پئي،
مٺو ماکيءَ ۽ مصريءَ کان مٺو منٺار، تون آهين.

نه ڪا جهرمر ستارن جي، نه ڪا چانڊاڻ چوڏس جي،
او راڻل! رات جو سارو حسن جنسار، تون آهين.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کجلا کجلا، تنهنجا نيڻ.
سهڻا سهڻا، تنهنجا نيڻ.

نازڪ نازڪ نيڻهن نشيلا،
مد ڪٽورا، تنهنجا نيڻ.

ميري بيڪل پاڻيءَ ۾ جڻ،
نيل ڪنول ٽيا، تنهنجا نيڻ.

نيري نڀ جي مک سمک تي،
چنڊ ستارا، تنهنجا نيڻ.

مکڙين کان پي نرمل، اوجل،
نيارا نيارا، تنهنجا نيڻ.

برکا برکا رمجهم رت ۾،
وڄ وراڪا، تنهنجا نيڻ.

نيڻ غزل، کان سندر سندر،
تنهنجا تنهنجا، تنهنجا نيڻ.

منهنجي ڪوتائن جا سرا،
آهن بڻيا، تنهنجا نيڻ.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# گيت

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چيٽ، ويساک جي رت رتيءَ ۾
پيچ پنيءَ ۽ چانڊوڪيءَ ۾
چنڊ سريلا سر آلاپي،
تارا نچيا نورا ڀاڪي،
رات به ڪنهن لئه راڳو ڳائي
ماڪ مٿس موتي ورڪائي،
سرنهن جي گل سرهاڻ پکيڙي
کهلي آ ٽڏڙي هير ڏکڻ جي
ڪر ڪا هاڻي ڊول اچڻ جي.

گهر ۾ گهريو لوڪ سمورو
ماحول ماٺ ۾ آهي پورو
ڪن پل ۾ هي چنڊ ستارا
سهڪي سهڪي ٽڪجي پوندا
رات جي سانت ايڪانت پيارا
کولي ڇڏيا چاهه جا چارا
هيءَ البيلي ساعت سائين
آهي گلابي گيت رچڻ جي
ڪر ڪا هاڻي ڊول اچڻ جي.

روز سهائيون راتيون ناهن
روز نه ٽڏڙيون هيرون ناهن
روزانو هي رنگ نه هوندا
چرندڙ، پرندڙ چنگ نه هوندا

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويل ويل واپس ڪا نه ايندي
ماضيءَ ۾ ٿي گم سم ويندي
ويل نه آهي وڃ وراڪو
ڪانهي ڪنهن جي جهلڻ پلڻ جي
ڪر ڪا هاڻي ڏول اڇڻ جي.

●

تنهنجي ڪارڻ سانول سپرين
ڳاهيان ويٺو گيت
الوا ميان ڳايان ويٺو گيت.

اڄ ڪڪرن ڪارا ڪيس ڪيا
واه! وسڻ جا ويس ڪيا
ڪنوڻ به کنبا ڪٿا ڪپڙا
ڪنهن نوورنيءَ، جيان ڏي ڪجڪا
ساوڻ من ڀاوڻ ۾ سائين،
آ نه پڇايون پريت
الوا ميان ڳايان ويٺو گيت.

پيار جي ريت انوکي آهي
سوکي ناهي اوکي آهي
پيار نه سائين جوڻا ناهي
راند رميءَ جي ڏوليا ناهي
قرب ۾ ڪس نه ڪائي آهي
هار به جهڙي جيت
الوا ميان ڳايان ويٺو گيت.

اڄ 'جمن' پيو ڪا نٿين ڏن ٿاهي
سر سان ويٺو سر کي ملائي
شايد پرياتي پيو ڳائي
ڪا ڀت ڏٺيءَ جي وائي آهي
سرتا! آءٌ نه پاڻ به سرچون
سرتا سر سنگيت
الوا ميان ڳايان ويٺو گيت.

○

•

چنڊ ستارا ساڳيا آهن
سندر سپنا منجي ويا.

ساڳيو آپ ۽ ساڳي ڌرتي
ساڳي هستي، ساڳي مستي
ساڳي ڀيٽي، ساڳي بستي
پر ماڻهو ساڳيا منجي ويا.

سندر سپنا منجي ويا.

اوڏا ها جي ڏور سي ٽيڙا،
ڀور ڀي تن جا سورن جهڙا،
جن جي دم سان رنگ رتا ها
سي ته سراپا، منجي ويا،

سندر سپنا منجي ويا.

تن ۾ تات ۽ تاس اها ڏي،
پرين سندڙي پياس اها ڏي،
آس، نراس، اداس اها ڏي،
پوءِ به پيارا منجي ويا،

سندر سپنا منجي ويا.

رتيون منيون ريتون منيون
ڪريتون منيون، پريتون منيون
هارون منيون، جيتون منيون
۽ نينهن نياپا، منجي ويا،

سندر سپنا منجي ويا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوريءَ جا سي پول پراڻا
هينڊڙي ساڳيا هول پراڻا
ڦاڻل ڦاڻل جهول پراڻا
پر سڳ سپاڪا منجي ويا،

........ سندر سپنا منجي ويا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

ٽيا ٻول ٻسا، سنگيت سچو ۽ گيت اڌورا رهجي ويا
کهڙا گيت پڇين ٿو ساٿي، گيت اڇايل مورن جا
گيتن بدلي، سڏڪا سٺندي، ساز سريلا سڏڪي پيا
اهڙيءَ حالت ۾ پيي چئين ٿو، ساٿي اڄ ڪو گيت ٻڌاءِ
پر کهڙا نوکي گيت ٻڌايان، ...............................

منڊ برابر ساڳي آ، پر سانگ سمورا ڪاڏي ويا؟
جن جي دم سان، رنگ رتا، سي سانگي ساڳيا ڪاڏي ويا؟
'سنڌوءَ' پنهنجو مٽ وڃائيو، ڇوليون ڇوها ڪاڏي ويا
'سهڻي' جنهن ۾ سير تري، سي لهرون لوڏا ڪاڏي ويا،
پوءِ به چئين ٿو گيت ٻڌاءِ، پر کهڙا نوکي گيت ٻڌايان.

نه ڪي ماروئڙن ڏي ميهون وٺا، نه ڪي 'ڪاڻر' پاسي کيت پڪا
جهانگي پنهنجي جوءِ ڇڏي اڄ، سانگي سنهري سانگ ويا
ساوڻ من ڀاوڻ ۾ پيي، نه پانڌ پسيا نه ڇرڪ پيا،
کهنبا لاهي نير رتا اڄ، ڌرتيءَ آهن ويس ڪيا
پوءِ به چئين ٿو گيت ٻڌاءِ، پر کهڙا نوکي گيت ٻڌايان.

پنهنجا ساڳيا پيار آهي ڏي، ساڳي پنهنجي ريت الا
ڪنهن پر پنهنجي ناهي بدلي، ساڳي پنهنجي پريت الا
ساٿي هن سنسار سڄي ۾، ڪوبه نه ڪنهنجو ميت الا
آهه! نه ويهي ورهه ڪي ونڊيون، گڏجي ڳايون گيت الا
پر! کهڙا نوکي گيت ٻڌايان، کهڙا نوکي گيت ٻڌايان.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويل ورڻ جي مولي آئي
الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي

ڪاڪ ڪڪوري، ڪنول ڪڙي پيا
نيري نڀ تي ٽيڙو ٽڙي پيا
رات رڻيلو 'راڻو' ڳائي

الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي.

اوسيئڙن جا ديپ اُجهايم،
آشائن جي جوت جلايم،
پرهہ ڦٽي ويئي جهانيون پائي.

الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي.

ڏوريءَ آهن آسون آتيون،
رنگ لڇن ۽ چرڪن چانيون
نيڻن ڇڏيا لڙڪ لڪائي.

الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي.

سوڍل ساريو ساريو ٿوڪي
رات کي ڇڏيم راڻل روڪي
تارن کي ڇڏيم ترسائي.

الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڻل کھڙي ريت رھائين
ڪنھن ڏائڻ جي ڏاوڻ ڏائين
مومل ويٺي پار پڇائي.

الا نہ آئين ڪرهو ڪڏائي.

www.sindhsalamat.com

# نظم

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# تخليق

جڏهن آءُ ماڻهوءَ کي پٿر، ڏسان ٿو
جڏهن سانت ۾ ڪوئي ساگر، ڏسان ٿو
جڏهن من جو ويران مندر، ڏسان ٿو
۽ اَگند ۾ اونده جو اجگر، ڏسان ٿو
جڏهن ڪوبه پيڙا جو پڙلاءُ ٻڌان ٿو
تڏهن مان لکان ٿو، تڏهن مان لکان ٿو

ڪٿي ڪنهن 'سرودي' کي 'سرندو' ڏسان ٿو
۽ 'سرندو' به چاهت مان چرندو ڏسان ٿو
وڏا ڏاڻ 'ڏياچن' کان گهرندو ڏسان ٿو
۽ 'جهونا ڳڙهن' کي به جهرندو ڏسان ٿو
وڏي واڪ سر جون صدائون سڻان ٿو
تڏهن مان لکان ٿو، تڏهن مان لکان ٿو

جڏهن رئيس کي پيٽ ڀريندو، ڏسان ٿو
نجوڙين ۾ سٽيون سٽيندو، ڏسان ٿو
۽ بنگلن تي بنگلا اڏيندو، ڏسان ٿو
نئين روز موٽر مٽيندو، ڏسان ٿو
۽ ڌرتيءَ جو ٽيڪرون ٽڪيندو، ڏسان ٿو
تڏهن مان لکان ٿو، تڏهن مان لکان ٿو

پگهر آءُ پورهيت جو ٽمندو ڏسان ٿو
۽ ليڙون لٽن سان اگهندو ڏسان ٿو

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

'سکل ڀوڙي' ڪارڻ سو سڪندو ڏسان ٿو
'نتيءَ ٽر' جي ڪاڙهي ۾ ڪڙهندو ڏسان ٿو
ڏسي حال تن جا، مان پڇران پڇان ٿو
تڏهن مان لڪان ٿو، تڏهن مان لڪان ٿو

جڏهن رلندي 'سسئي' رندن ۾ ڏسان ٿو
۽ 'مارئيءَ' کي ڪوٽن ڪڙن ۾ ڏسان ٿو
جڏهن ڪاڪ 'مومل' ڏکن ۾ ڏسان ٿو
۽ 'سورٺ' کي گوندر غمن ۾ ڏسان ٿو
ڳڻي تن جون ڳالهيون، لڇان ٿو، پڇان ٿو
تڏهن مان لڪان ٿو، تڏهن مان لڪان ٿو

جڏهن ڏاڍ ڏهڪاءَ وڌي وڻ ٽڻي ٿو
۽ انسان وحشيءَ کان وڌ ٿي وڃي ٿو
اندڙيرو اجالن کي گهوگها ڏئي ٿو
۽ ڌرتيءَ کي ڌاڙيل آپ جو لٽي ٿو
ڏسي ڀهڙا هاڃا، ڏهاڙي ڏران ٿو
تڏهن مان لڪان ٿو، تڏهن مان لڪان ٿو

جڏهن ڪي اردا اٽل ٿي
'هماليہ' کان اوچا جبل ٿي وڃن ٿا
۽ جذبا جوان ۽ اجهل ٿي وڃن ٿا
۽ دشمن جي خاطر اجل ٿي وڃن ٿا
عقيدت منجهان تن جا چهرا چمان ٿو
تڏهن مان لڪان ٿو، تڏهن مان لڪان ٿو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

قلم رت ۾ ٻوڙي لکندو رهان ٿو
لکان ٿو، لکان ٿو، برابر لکان ٿو
وڏي واڪ چوٽو اٿم جو چوان ٿو
دکيءَ دل جي پيڙا کي پلٽي ڇڏيان ٿو
لکان 'سوز' ٿو جو لکڻ چاهيان ٿو
تڏهن مان لکان ٿو، تڏهن مان لکان ٿو

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# راڳي

تون کهڙو راڳي آهين،
جو، 'کينر' کي کيري ۾ ٽنگيو
ويٺو پور پچائين
تون کهڙو راڳي آهين!

رات ترڪيل آ، رت رتل آ
ماٺ سنڌو مانڌاڻ متل آ
هير گهليل آ، چنڊ چڙهيل آ
پيچ پيل آ، اوڪ ستل آ
تون ٻه سمهي پئين پير ڏگهيري
هر هر پيو هڏ ساهين
تون کهڙو راڳي آهين!

راز نه اوريندين! ساز نه سوريندين!
ننڊ مان ڪنهن جو ڪنڌ نه ڪوريندين!
ماٺ مٺيءَ مان مور نه ورندءِ!
ڪينءَ پلا ڪو مڱڻو چوندءِ!
تنهنجي حالت اٿين لڳي ٿي
ڄڻ تون مڱڻو ناهين،
تون کهڙو راڳي آهين!

هيءَ 'سرندو' سک سان سرندو آ،
ءَ چاهه چرڙي مان چرندو آ،

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي چرندو آهــ تــہ کھرنــدو آ
پوءِ ’جھونا ڳڙهه‘ ۾ جهرنــدو آ
هــي ســاز نسورو نــاز اٿئي
پــر جــي نينهــن نــباهين
تــون کــهڙو راڳــي آهين!

’ڪينر‘ تي آ ڪٿ

رڪ رڪــ راڳڻي ڇڙهي وئي
مگڻا! تنهنجي مت منجهي وئي
تو کان تنهنجي ذات رسي وئي
پوءِ بہ تون چپ چاپ الاجي
چــارڻ ڇــا ٿــو چــاهين؟
تــون کــهڙو راڳــي آهين!
جو ’ڪينر‘ کي ڪيريءَ ۾ ڏنگيو
ويــٺــو ٻـــور ٻــچــائــيــن
تــون کهڙو راڳــي آهين!
تــون کهڙو راڳــي آهين!

# اونده جا پاڇا

جهڙ ٿيو، جهڪ لڳي ۽ سڄ ڪڌهوڪو ڪم ٿي ويو
چنڊ مٿان ڪو منڊ لڳو، جو چوڏس ۾ پيو اونداهو
تارا لڙ ۾ لٽجي ويا، ۽ روپ سندن بي روپ ٿيو
نيري نڀ تي ڪوهيڙي جو ڪارو ڏنڌ چڙهيو
اونداهيءَ ۾ ٿاٻا کائي، پير پٿون ٿسي، ڦٿجي ويا
اونده جا پاڇا پئجي ويا، اونده جا پاڇا پئجي ويا.

ڪجهه لفظ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا، ڪجهه لڙڪ اکين ۾ اٽڪي پيا
ڪا مرڪ چپن ۾ سڙڪي پئي، ۽ دل جا ڪنول ڪومائجي ويا
آ روح اچانڪ رڙ ڪئي، سوچن تي پهرا پئجي ويا
'هيسيل هانءَ، هراسيل چهرا' جهوراڻي ۾ جهلجي ويا
نيڻ نماڻا لـڙڪن لارون، لاڙي ٿڪجي پيا
اونده جا پاڇا پئجي ويا، اونده جا پاڇا پئجي ويا.

ٻاٽ ۾ واٽ وڃائجي ويئي، ۽ چاٽ ۾ لاٽ اجهامي ويئي
جڳنن ڪان ٻوءِ جوت جلي، سا ٻيڙڪي ساڻ اڏامي ويئي
ملهه مهانگي موتين مالها، سستي ملهه وڪامي ويئي
ٻيچينيءَ ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي آخر رات وهامي ويئي
سر ڪسي ويا ٻول رهي ويا، سڀ گيت اڌورا رهجي ويا
اونده جا پاڇا پئجي ويا، اونده جا پاڇا پئجي ويا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو صاف سهانو سج ايري، جو پنهنجي جوت کي جرڪائي
جو ڏاڍ پيچي هن ڏائڻ جو، ۽ ڏاڍ ڏمر کي ڏهڪائي
جو هيسيل ڇهرا ٻهڪائي ۽ مات جا ڦهرا لهرائي
جو ساٿيهه منجهه سڪار ڪري، ۽ ماروئڙن منهن مرڪائي
شل پرهه اهو پيغام پڄائي: ’چاڙ نہ گوندر گهٽجي ويا‘
’اوندهه جا پاڇا گهٽجي ويا، ۽ گهٽجي گهٽجي لٽجي ويا.‘

# چارڻ سندو چنگ

ڪٿي چنگ چارڻ، وڏي واڪ ڳايو
صدائون سرن جون، هٿي هاڻ آيو
سڄي سنڌ کي تو، تندن سان تپايو
سڪل لوڪ کي ننهن، جهنجهوڙي جاڳايو
مگر آرسين کي پيئي ڪل نه ڪائي
وري تند ڀيڄل آ ڀيهر ڀرائي.

ڪٿي ساڻ آيو، نوان 'ساز سرندا'
اهي ساز سرندا، گهٽوئي کي گهرندا
سبيل چپ چوڻ ڪاڻ، چرندا ۽ ڦرندا
وساريل وچن سڀ، هيئين منجهه هرندا
سرن سان سرن جي ٿيندي رهائي
وري تند ڀيڄل آ ڀيهر ڀرائي.

تندن ۾ تپش آ، اڳي ڪان ٻه اڳري
سرن ۾ ڪشش آ، اڳي ڪان ٻه اڳري
جنون ۾ جنبش آ، اڳي ڪان ٻه اڳري
منجهس ڪشش آ، اڳي ڪان ٻه اڳري
اڳي ڪان ٻه اڳري، آ سورت ساماڻي
وري تند ڀيڄل آ ڀيهر ڀرائي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرودن ۽ سازن، عجب رنگ لاتو
الاپن، آوازن، عجب رنگ لاتو
ادائن، صدائن، عجب رنگ لاتو
ٻنائي جي وائين، عجب رنگ لاتو
ويل ويل مگنئي، آ واپس ورائي
وري تند ڀڄل آ، ڀيهر ڀرائي.


Scanned with CamScanner

# اوسيئڙو

مينهن وسيا وري
پاند پسيا وري
ڇرڪ پيئڙا وري
انگ لچيا وري
گيت رچيا وري
ساز ڇڙيا وري
تون نه آئين پرين
تون نه آئين پرين

رات تولئه رني
پيچ آهي پني
سيج تورئي سجي
آس آهي اُجي
ڇير آهي ڇني
روئي پئي راڳڻي
تون نه آئين پرين
تون نه آئين پرين

رت آهي ڦري
رات آهي ٺري
ماٺ ويئي مري
ديپ ويڙا ٺري
تون نه ورئين وري
ويل ويئي ٽري
تون نه آئين پرين
تون نه آئين پرين.

o

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پاڇو

آد جڳاد کان،
جڳن کان،
صدين، سالن کان،
ڏينهن کان،
پل اپل کان،
ڪنهن جي ڳولا ۾،
چرين وانگر،
ديوانن جيان،
در در،
وستي، وستي،
نگر نگر،
ٽڪي ٽڪي،
ڏڪي، ڏڪي پيو آهيان،
شايد پاڳل، آهيان
تنگ ٿي پيا سوچ جا سلسلا،
وسيع ٿي ويا لوچ جا دائرا،
مگر هو،......................
منهنجي،
احساسن جو عاري،
جذبات کان بنهه بي خبر،
ان هوندي به مان،
متلاشي آهيان تنهن جو،
شايد پاڳل آهيان،
جو،

پاڇي پويان،
آد جڳاد کان،
جڳن کان،
صدين، سالن کان،
ڏينهن کان،
پل اپل کان،
ان پيڙا جو عذاب،
پيو ڀوڳيان،
پاڇي پويان،
۽ چاهت جي پويان.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



•

ڪ رات رهن ها هوند پرين- مان پاڳ پليرا پانيان ها
مان دل جا زخم لڪايان ها، ۽ مک تي مرڪ سجايان ها

جي ترسن ها ڪو ترس ڪري مان تارن کي ترسايان ها
مان آس جا ديپ جلايان ها ۽ پنهنجا نيڻ وڇايان ها

مان ساوڻ رت جي وڏ ڦڙ وانگر پنهنجا لڙڪ وهايان ها
مان راهه وچڻ جي روڪيان ها ۽ ساري پونءَ پڇايان ها

جي ڪٽڪ پوي ها ڪا اڳ ۾ مان سهسين سانگ رچايان ها
مان پاند ڳچيءَ ۾ پايان ها ۽ سپرين کي سرچايان ها

هو وڃڻا ها هو وڃڻا ها ۽ جهل پل ساڻ نه جهلڻا ها
هو ڪين رهن ها 'سوز' هتي هيلا پل هلايان ها

●

جيسين دم ۾ دم آ دلبر، تيسين نينهن نڀائيندا سين
پل نہ زمانو ڇا ٿي سمجهي، پنهنجي پريت پڄائيندا سين،

سي گهڙيون پيار جون گهڙيون، ڪين وسارڻ سان وسرن ٿيون
پل تہ ڀلائي ٿن کي ڪوئي، ڪنهن پر ڪين ڀلائيندا سين،

نينهن جون نازڪ موتين لڙهيون، جي ٽٽيون ڳنڍجي بہ نہ سگهنديون
مکڙين وانگر مرڪي مرڪي، محبت کي مرڪائيندا سين.

عشق ۽ مشڪ نہ لڪندا آهن، جهلبا ناهن، پلبا ناهن
ڪيسين تائين پاڻ پيارا، لوڪ سڃي کان لڪائيندا سين.

دل جون ڳالهيون، سلڻ نہ جهڙيون، ڪرڻ نہ جهڙيون، ڏسڻ نہ جهڙيون
ڪين ٻڌي ڪو سگهندو ٿن کي، ڪنهن کي ڪين ٻڌائيندا سين.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

ڪيئن توکي پرين مان چنڊ چوان
تنهنجي رنبي جسي نسوهين ڪيان

ڪڏهين اڀري، ۽ ڪڏهين اڀري نٿو
ڪڏهين روشن ۽ ڪڏهين اونداهو
ساڻد ه سونهن نــه سنهري سـو،
جنهن جا روپ گهٽان، بهروپ گهڻان.

جنهن جي هستيءَ کي ڪو ناهه بقا،
جنهن جي جوڀن تي اعتبار نه آ،
جنهن جي فطرت ۾ ڪا ناهي وفا،
اهڙا لقب سچل توکي ڪيئن ڏيان.

پل چوراسيون ڪئين چنڊ چڙهن
پل سهسين سـورج پيا آڀرن
تنهن جو مٽ نه مٺا سي مور ٿين
سڀ هيچ لڳن ٿا تنهنجي اکيان.

ڏسي جلون جــا جنسار، عجب
مڃي شمس قمر آ هار، عجب
تنهنجا ڪيئي پرين ٿيا پار، عجب
مان صدقي سئو سئو وار ٿيان.

●

اڄ سهڻل ڪيا سينگار، نوان
منهنجي ديدن ڪيا ديدار، نوان

آهه چنڊ ڪان وڌ چانڊاڻ سندس
آهه لاڪ ڪان وڌ لالاڻ سندس
وڌ ساوڻ ڪان سرهاڻ سندس
واه! جانب جا جنسار، نوان.

جنهنجون ڪڪوريل ڪنول اکيون
جنهنجون نازڪ ۽ نرمل اکيون
جڏهن مرڪي کڻي تو مٿل اکيون
تا عجب لڳن اسرار، نوان.

جنهن جا ڪارا وار ته ايئن لڳن
جيئن ڪڪر ڪريو تا ڪار چڙهن
تا ونگ وجهن ۽ ڏنگ هڻن
ڪن واسينگن جيان وار، نوان.

نوڪان مڪڙيون، مک کي لڪائين ٿيون
۽ ڪليون پڻ شرمائن ٿيون
تنهنجي سونهن جي ساک وڌائين ٿيون
تنهنجا پسيو نينهن نکار نوان.

جنهن کي گل وانگي شل ٽڙندڙ ڏسان
۽ مکڙين جيئن مرڪندو پسان
سهرا سونهن جا 'سوز' مان لکندو رهان
هر روز نوان، هر بار، نوان.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

موں کان منهنجا پيارا، پرين ڪين پرچن
ڪيم وس وڏا ٻر، سهرين نه سرچن.

ڪئين چنڊ آپريا، ڪئين سج لهي ويا،
ڪئي ڪاله موں ڏي، اڄ جي عجيبن.

ڪري لڙڪ لاروں، ڳڙي پيا ڳلن تي،
اڃان ڌائين اکڙيون، 'بادل' جيئن برسن.

مٺي منهن ملها ويا، ڇني سڳ ڇڏي ويا
لماڻيءَ جي نجهري هڪ تل نه ترسن.

هليو ڪين حيلو، وسيلا، ويا سڀ
منٿ 'سوز' هڪڙي ٻڌي ڪين محبن.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميندرا موتيج سگهو، تن ۾ آ تنهنجي تانڙي
آءُ نه اوريون پاڻ ۾، ڪا برهه واري بانڙي.

نيڻ نيسارا ڪري، روئي پسايا پاند مون،
ڪاڪ ۾ ڪهون ڪندي، ويٺي وهامي رانڙي.

ويا ڪنول ڪومائجي، مکڙيون ويئيون مرجهائجي،
سيج تنهن جي لاءِ سويل، آهه ڏاڍي آنڙي.

ماڪ مومل جي مٿان، ڇا ڪان پلا پيرو پڳئي،؟
ڏمرئين نون ڏيهه ڏمريو، ويٺي ڏمرجي ڏانڙي.

رات تنهنجي تات ۾، تارا ڳڻيندي ٿي گذر،
'موز' فرقت منجهه پوري، ٿي ويٺي پريانڙي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

اکيون درشن لئه ترسن ٿيون،
بن بادل برسيو برسن ٿيون.

هر ڪنهن ويلي آگم لائن،
هر ڪا رت برسات جي پائن،
ساوڻ، سيارا ڪين ڏسن ٿيون.

سانجهه سمي ۽ ويل پرڀاتِ جو،
ٻاڪ ڦٽيءَ ۽ لاڪ رتيءَ جو،
تات ۾ ساري رات رهن ٿيون.

ٺارن کي سودائي سمجهي،
چنڊ کي حال نه پائي سمجهي،
ڏن سان پنهنجو حال نه ڪن ٿيون.

ڏانو نينهن نڀائڻ ڪارڻ،
پريت جي ريت پڄائڻ ڪارڻ،
واجهه وجهن ۽ پار پڇن ٿيون.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

•

رات سڄي سانگين جا ولر ۽ واڙا، ساريم
پنوهارن جا پڪڙا پڌ ۽ پاڙا، ساريم.

مال وندا ماروئڙا، ڦڙ چارين ڏيو ڦيرا،
ڏينهن تتي ڏونگرڙا، انگن اکهاڙا، ساريم.

ويس وسڻ جا اوڍي، آڳم آئيا آپ تي،
رڃ ۾ ريهون ڪندي، ٽڙ ٽڙ ٽاڙا، ساريم.

مينهن موجون لائيون، ٽربر ٽيون ٽڏڪارون،
پونءَ پنل جي پر تي، مينهن وساڙا، ساريم.

لال ليار لامن تان، چوٽ چڙهي مون چونڊيا،
پيرون پڪا ڏٽ ڏونئرا، گگر گولاڙا، ساريم.

منهنجي لئه مارن ها، پاند پسائي ڇڏيا،
سرتين جا سانيهه ۾، روڄ ۽ راڙا، ساريم.

'سوز' مرتن جي ڪاڻ سڙان، ياد ڪريو ٿي روز رڙان،
سرتين سان سک راتيون ڏک جا ڏهاڙا، ساريم.



# بيت

www.sindhsalamat.com

•

منهنجي من آنڱڻ، چنڊا رهي هئو رانڀڙي،
راهيان ڪيئن پرين کي، اونداهي آسڻ،
اچڻ ٻيول اڱڻ، پوءِ موٽي وڃجان ماڳ ڏي.

اڄان ڪڙڪين مس، تو سمپا ڪرين لهڻ جا
چنڊا اڇوڪي راتڙي، تارن جيئن ترس
منهنجي محبوبن جي، آهي سولهن سرس
هيڪر چڙهي هوڏ ڪي، پرين منهنجا پس
نه وينده وس اوس، موٽي لهندين ڪينڪي.

آهي پيچ پئي، لوڪ سڄوئي ڪِپريو
سرهائي سڄڻ جي، ڏکڻ هير ڏني
توکي ترسائي ڇڏيو، آه ڪِپاءِ انهي
منهنجي پاند پئي، رات اهائي رب ڪان.

پيئي رات ٽري، ماڪ پڇايو پونءِ کي
ايءَ سهاني ساعتڙي، آهي پاڳ ڀري
چنڊا سنده چانڊاڻ ۾، جي آهي ذوق ذري
نه ويندين ڪين وري، موٽي پنهنجي ماڳ ڏي.

پوپون پهر پئو، ويل وڃڻ جي ويجهڙي
چاڻ نه ڏينهن ٿيو، چاڻ نه سورج اڀريو.

ڪري رقص ردم، الغوزي جي ڌن تي
جهانجهر جهلي هٿ ۾، ٽيڙو ڪن ٿم ٿم
رات سڄي ڇم ڇم، تارو تارو گهنگهرو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانهي ڪا اهڙي، ستارن ۾ سوپيا
جانب ۾ جهڙي، آهي جوت جمال جي.

چنڊ به آهي چنڊ، سڀ سو پنهنجي سونهن ۾
سو منهنجو چاهت چنڊ، اتر لهي ان ڪان.

سوچون سرها گل، لوچون لال ليار جيئن
مندر اهڙا سپنا، جهڙا ڦڳڻ ڦل،
عجب چولين چل، آ سوچن جي سمونڊ ۾.

سوچون ۾ ساروڻ، ثمر سودائين جو
لڙڪن جون لاروڻ، پلئه تن جي پڙيون.

ڪڏهن سات نه ڏين، سوچون سپرين جون
ڪڏهن ڪين ڇڏين، سوچڻ ڏاران 'سوز' چئي.

سوچن سان انسان، اتم ۾ مهان ٿئي
مورک ۾ نادان، سڏ جي بنا سوچ جي.

سوچون سڪ گهرن، سڪ ري سوچ نه سرجي
لوچون لوچ گهرن، سوچن وانگر 'سوز' چئي.

روح ڪي راس پنا، اڏما اوسيئڙن جا
سوچن جي ساچاهه سان، جڙي بهت پنا
سوچن مان سرجيا، رنگ رنا پيچرا.

اک اک ڪشميرا، ڪر نه سچائين جڳ کي
اڇا ۽ ميرا، پرکي ويندين پل ۾.

اکيون آرسيون، ڪشميرا جي قلب جون
تون پڻ ڏارج تهڙيون، اکيون آرسيون
اکيون آرسيون، ڏار مَ سستي جهڙيون.

سلي سارو سچ، ڪوڙ نه ڪري ڪڏهين
مور نه رکي من ۾، ڪوڙ، ڪپٽ ۽ ڪچ
من ۾ ٻاري مچ، سچ سلي سنسار سان.

اکيون هئي ڪريچ، ڪشميرا جي اک جيان
نيڻن سان پسيچ، لقاءُ ساري لوڪ جو.

ڪشميرا جيئن ڪر، روشن پنهنجون اکيون
رک رکاءُ نه ڪري، ڪنهنجو سا ڪنهن پر
ڪوڙ نه ڪري ڪڏهين، سلي سچ سچر
آدم ايءُ اکر، ڪٿان سکيو ’سوز‘ چئي؟.

هوشوءَ هوڏ هڻي، پٽ ڏٿيءَ جي پوُنه تي
’فرنگي‘ فوجن کي ڏنو، وڏي واڪ چئي
’مروسون سنڌ نه ڏيسون،‘ جي ڪڏي ڳالهه ڪئي
سورهيه، سر ڏئي، سوڀ پرائي ’سوز‘ چوي.

هوشوءَ جيڏو هانءُ، ڪڏهن ٻڌوسين ڪونه ڪو
ٻنا جنهن جي ٻاهه ڪان، ڪوڙا ڪاتر ڪانءَ،
سيئين پرينءَ سوپ جو، ڏاتر ڏنس ڏانءُ،
مرڪي ماهُ مٺانءُ، ڪوندر ڪنڌ ڪپائيو.

هوشوءَ هانءُ نه هڪڙو، سچا سارا سٺ
هڪل، هيبت، تنهنجي، پرزا ڪيا پربت
هن ڌرتيءَ کي ڌان ۾، ريڻو ڏنئين رت
لهوءَ ۾ لت پت، هٿي هامون حق جون.

ڌارئين لاءِ ڌڪار، اصل عادت ان جي
ڌرتيءَ جي ڌاڙيل سان، تنهنجو آ تڪرار
سنڌس تيز ترار، پيامي آ پرمار جي.

پهو ڪن پڙاڏا، هوشوءَ سنڌي هام جو
ٿو هاڪاري ۾ هيئن چئي، ’آهه لٿيرا آهه‘
ڌرتي منهنجي ماءُ، ڪين ڏبي سا ڪڏهن.

سر جو سانگ نه جن، سيئي سڏجن سورما،
آزاديءَ جي اون ۾، پچن ۽ پچرن،
هن ڌرتيءَ جي ڌوڙ تان، سيسون صدقي ڪن،
سيئين پرينءَ ’سوز‘ چوي، پويان پير نه ڪن،
جي سورهيه سو هجن، ته به هوشو مٽ نه هڪڙو.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# وايون

www.sindhsalamat.com

●

هوشوءَ موڙ پڌا، ڀلو ميان.... ميدانيءَ جي ميدان ني

مرڪن ماڻجهيءَ منهن ني، موتين جا داڻا،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

سونهي سورهيہ سر ني، جوهر جوت جڙاءَ،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

لال ’لهو‘ ۾ ’لال‘ جا، هٿ ۾ پير رتا،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

ڌرتيءَ لاڏا ڳايا، سهرا سوڀ سندا،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

گهوڙن ۾ گهوٽن جا، ٿورا ڏينهن ٿيا،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

سورهيہ سنڌي سوڀ جا، شاعر گيت لکيا،
ميدانيءَ جي ميدان ني.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

لام لڏي، نڪو پن چري، آ ماٺ سچو ماحول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

هر ڪنهن هٿ ڪلول اٿيئي، پنڇي ڪنبي نہ ڪول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

چپ چپ آهي چاهہ نگر ۾، چاهت جو چٽو ٻول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

ماڳ سڄاڻي وارا ماڻهو، ڳليئن منجهہ نہ ڳول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

صدين کان ٿي سچا سڪڻا، پنهنجا قاتل جهول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

ڦرندي گهرندي، روز رهي ٿي، دنيا آهي گول
تون رخ ڏسي، مڪ ٻول.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏاهپ ڏات ڏٿين کي، ڏاڍا ڏنگ هنيا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

ڦڳڻ رت جي ڦوهه ۾، ڪيئي ڦول ڇڻيا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

امبر آرس ۾ پيو، تارا تنهنجي پٺا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

سنتل سانجهيءَ ويل جا، اڇا ڪين آئيا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

چارڻ پنهنجي چنگ جا، ڀڃي سر ڇڏيا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

جنهن ٻڙگهاٽي ڇانءَ ڪئي، تنهن جا ڏار وڍيا
الائي ڪارڻ ڪهڙي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساوڻ جي وسڪار جيان، آهن پلڪ پنا
ساجن! تو بنا.

جيون ڪهڙي ڪم جو، آهي جيت بنا
ساجن! تو بنا.

آسن جي گرنار جا، گوندر گل چنا
ساجن! تو بنا.

دردن دکيءَ دل کي، ڏاڍا ڏنب ڏنا
ساجن! تو بنا.

نيڻن منجهان نير جي، جاري ٿي جمنا
ساجن! تو بنا.

ڪومل ڪومل جذبا، پربت ڪان نه ڊنا
ساجن! تو بنا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

ٻاهريون دريون بند ڀلي، پر دل جون دريون کولي ڇڏجانءِ.

تنهائين جي احساس جا، پٿو سمورا پولي ڇڏجانءِ.

چنڊ چڙهي جو پنهنجي منهن تي، ڪارا وار اکولي، ڇڏجانءِ.

ڪڏهن ڪڏهن قرب ڪري ڪي، ٻٽڙي ٻول ته ٻولي ڇڏجانءِ.

جيڪر منهنجي ياد اچيئي، پاڻ ۾ ڳولي ڦولي ڇڏجانءِ.

پنهنجي مونهن جو سنهن اڏئي، ناحق نينهن نه رولي ڇڏجانءِ.

ٻاهريون دريون بند ڀلي، پر دل جون دريون کولي ڇڏجانءِ.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

چکيائن ني روز چڙهن ٽيون، سٽيون سيٺائون
پوءِ به چپ آئون!

ٻيڙ وانگي ٻڙڪيون، ڇپرن جون ڇائون
پوءِ به چپ آئون

الائي ٽيندا ڪڏهين، سپنا، ساڀيائون،
پوءِ به چپ آئون

آلا اگهامي ويٺيون، ڪوڙيون ڪوتائون
پوءِ به چپ آئون

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

رڃن ۾ رهون، ٻڙاڏا ٿي ٻڪري ٻيون.
ماروئڙن کي مرڪندي، ورهه ٿيا وهون.
سانگين لئه سالهه ۾، ڏکڙ آ ڏينهون.
گهوڙا پنهنجي گهر ۾، پٽڙ ٿا پيهون.
ڪٿي پير پساريون، ڪٿي ٿي ٻيهون.
هينئڙو انهيءَ هور ۾، ڇڄي ٿيو ڇيهون.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

•

ٽڙندا ڪاڪ ڪنول، اوا راڻل تڏهن ملنداسين

سوڍل چڙهي سيج تي، ماڻينداين مومل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

تارن پرڙي راتڙي، هوندي پيچ پنل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

ميندڙي رتڙا هٿڙا، پنل نيڻ ڪجل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

ٿيندا لال ليار جيئن، ڳاڙها ڳاڙها ڳل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

پري ٿيندا پنجهرا، ڪوڙا ڪاڪ محل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

سرچي پونديون ساعتون، پرچي پوندا پل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

سپنا ٿيندا سايان، ٿيندي انگ اُڇل،
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

پرين پنهنجي پيار ڪي، هوندي جهل نه پل
اوا راڻل تڏهن ملنداسين.

o

•

اونداهين تان آر ڪٿي، چانڊوڪين سان چاهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

لوڪ سمورو ٿيو لهوارو، اوڀارو ارواح ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

هڪڙي دل ۾ درد هزارين، پوءِ ٻي دانهن نه آهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

ڪنهن جي نازڪ نين تان مون، صدقي ساهه پساهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

ڪيڏو پورو آهيان مان جو، وعدن تي ويساهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

ڪير نڀائي يا نه نڀائي، ناتو نينهن نباهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.

’سوز‘ فراق ۾ گهڙيون گهاري، پنهنجو پاڻ کي پاهه ڪير،
يرا سوگهو پنهنجو ساهه ڪير.



www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

آءُ! پرين ڏون آءُ، موٽي آءُ، ويهه م وير وساري

هر هر منهنجي هانءَ هري ڏو، سونهن پريو سوداءُ
موٽي آءُ، ويهه م وير وساري.

ساوڻ جي رت آئي ويئي، لڏڙهه ڪونهِ سماءُ،
موٽي آءُ، ويهه م وير وساري.

منهنجا مٺڙا شال م لڳنئي، ڪڏهين ڪوسو واءُ
موٽي آءُ، ويهه م وير وساري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

•

آس اندر ۾ آکنڊ الا، ملي مارن سان کلي کير پيان

اُيري، اُلٽا ڪيترا، چنڊن پويان چنڊ الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

اُٿي آڌيءَ رات جو، جيڏيون جوئن جنڊ الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

اصل عمرڪوٽ جي کاري پاڻيان کنڊ الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

آخر لهندا اوچتا، مونجهارا ۽ منڊ الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

رهي رهندا ڪيترا، راهن جا هي رنڊ، الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

ميل رکن جي 'سوز' چوي، تن تي ڏوهه نه ڏنڊ الا!
ملي مارن سان کلي کير پيان.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

●

ڪاڪ ڪري نوائڻ ڪوڪارون، ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

هر هر هيسيل هانءَ هرن ٿيون، سڄڻ تنهنجون سارون،
ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

سيج سڄيءَ تي سورن سڙيون، کهڙيون مون هن کهاريون،
ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

رات ڪي تنهنجي تات طلب ۽ پرهه ڪي تنهنجون پچارون،
ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

نينهن گهڙي ائين جوين مان تو، جيئڻ ڪي ماڪيءَ لارون،
ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

تو بن روح جا راڻل، رانول کهڙيون جيئون هارون،
ڏاچيءَ وارا موڙ مهارون.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# ٿيڙو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

•

ٽمڪي پيا ٽيڙو،
ڪنهن ڪاريگر پريو،
رنگ منجهن گيڙو.

آئر ڏني اوت،
ڏئي ڏيئا ذات جي،
جرڪائي مون جوت.

پرين ياد پيام،
اوسيئڙا ۽ آڌ سا،
واڳن جهڙن وريام.

ڪوڙيون ڪتائون
ڀاڳ سنواري نه سگهيون
هٿن ريکائون.

ويٺي محفل ٻاهرجي
چلي پٽڙا پاڻ ۾،
متارا ۽ موڪي.

اڪيون ڀوٽ نہ ٿون،
انڌا ڏس نہ آپ سان
ڪيئن نہ ٿهي ويٺي ڀوڙ.

سوچون ۽ سپنا
مون سان گڏجي گود ۾،
ننڊا ٿي نپنا.

گيتن ماڻي جيت
جن سان پرچي پيڙا
من جا محرم ميت.

راس نہ پيا روح
ظاهر ماڻهو سهڻا،
اندر ڪڙا ڏوهہ.

پڪا لال ليار،
ٽوڪي ماريو سپرين
روئي مند بهار.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سانت نہ آھہ سرور
توريءَ نڙڪو پانڻيان
آئي سنڌي ھير.

گھليو ڏکڻ واءُ،
سوڍل ري سڀ سيج ٿي
ھيرن ۾ نہ ھڳاءُ.

وٺي مارڳ ماڪ،
موتج سگھو مينڌرا،
ڪالھہ ڪڪوري ڪاڪ.

ماندڙيءَ منڊ منڊيا،
ڇاڊن، اڇاڊن تي
ڏاڍا ڇوھ ڇنڊيا.

ڪين وفائون ڪن،
ڪنھن سان پاڻجي ڪڏھن،
چانڊوڪي، جوڀن.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن ڪي جهلي ڪام،
جهلي جهلبي ڪيتري،
لهندڙ سج جي لام.

نسنگ/ننگو آهي نينهن،
جهل پل ماڻ نہ جهلجي،
ڪڏهين ڪيهر شينهن.

نہ ڏسي گرمي، ٿڌ
چري چاهت ڪيئن؟
چيا! ويران وير وڌ.

ڪٺڪن ڳيپ جهليا،
’آيون‘ ڏسي ان ۾،
سندم انگ لڇيا.

ٻهرين ٻور جهليا،
جهول جهليندي سپرين،
ڏاڍا ڏينهن ٿيا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# سارو ڏيهه

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جيجل ماءُ جي ياد ۾

ياد اٿم،
سي ٻوٻوٽ گهڙيون،
ڳوٺڙ گهڙيون،
سورن سڙيون،
جڏهين،
منهنجي 'جيجل ماءُ' جا،
ٻويان ٻساهه هئا،
۽ روح جو پنڇي،
اُڏرڻ ڪارڻ آتو هو،
۽ پوءِ ..................

هن ڇڇرٻل، ڇڇرٻل لفظن ۾،
هيئن چيو هو:
'هڪڙي ماءُ اڃان ٻه انيئي،
جيڪا تنهنجي جيجل آهي
جيڪا تنهنجي آيل آهي
تنهنجو ڏالو سنڌڙي آهي
تنهن سان پنهنجو نينهن نڀائج،
مٽڙا منهنجي تيج ملهائج،
۽ اڄ ......................

آهي گهڙيون ساري
منهنجا نيڻ پڇي پيا آهن،
منهنجا لڙڪ لڙي پيا آهن،
۽ منهنجا پاند پسي پيا آهن.

o

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## محمد ابراهيم جي ياد ۾

وياڪل هر وائي، جا تو ڳائي، او اربيلا راڳي

هيجل وانگي سر لاءِ توئي تند ٻرائي،
او اربيلا راڳي.

توئي لطفي لاتڙي، گهر گهر ۾ پهچائي،
او اربيلا راڳي.

’سورٺ‘، ’سهڻي‘، ’مارئي‘ سومل واهه جا تو ڳائي،
او اربيلا راڳي.

سنڌي لوڪ سنگيت کي توئي، بخشي سونهن سوائي،
او اربيلا راڳي.

’رائو‘ ۽ ’رائي‘ سان، تو ياري خوب نڀائي،
او اربيلا راڳي.

’لوڙائو‘ ۽ ’رائي‘ سان، تو ياري خوب نڀائي،
او اربيلا راڳي.

مور نه وسري سگهندي سائين، تنهنجي قرب ڪمائي،
او اربيلا راڳي.

جڳن تائين جلندي رهندي، جا تو جوت جلائي،
او اربيلا راڳي.

محنت تنهنجي ۾ ني مرڪيو هو، پر جهل کهوٽ پتائي،
او اربيلا راڳي.

٥

## الطاف عباسيءَ جي ياد ۾

توسان ڳهاريل گهڙيون ساري، لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

نيڻن جا اڄ نار وهي پيا، جرجالا رو هاري هاري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

ماکيءَ مصريءَ کان تون مٺڙو، تنهنجي محبت ڪير وساري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

تنهنجو هرهڪ گيت اداسي، سڏڪي سڏڪي ٿو اوساري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

سوچ لوچ سان سچ جي سچ کي، ٻهڳڻ ونئين تون ٻاري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

جوين ڏيئي جذبن کي تون، ڏولڻ ونئين پرلوڪ پڌاري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

جڳ جڳ جيئندو رهندين جاني، توکي موت نه سگهندو ماري
لڙڪ اکين مان لڙڪي پٽڙا

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## استاد منظور علي خان جي ياد ۾

نوڪي ساري سڏڪي پيئي آ، تنبوري جي تار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

سوڳ ۾ تنهنجي 'سٽ ٿي سر' پيا روئين زارو زار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

واڌل! تولئه راڳ ڪيئي تو، اوسارا ۽ پار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

'لٽ' جا لڙڪ لڙي پيا آهن، تڙپي پڙو تار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

نوريءَ ڪير ڪلهن ني، ڪنڌو سو سنگيت جو بار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

ٻاڻ رسي وئين آلا پيندي، 'پرچن شال پنوهار'
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

آئون 'ڪهه چاڻان پنڌ ڪيچ جا' هاڻي ڪنهن کان ٻڌبي يار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

'رانجها تخت هزاري دا سائين' ٻرندي ڪين ٻيهار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

صدين تائين 'سوز' ۾ سڪندي، تولئه تندتنوار
ڏاڍو ڏور هليو وئين يار.

٥

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مصري خان جمالي جي ياد ۾

هو چارڻ ٻنجي آيو هو
سر ۾ سر کي سرچايو هو.
جنهن ’سورٺ، مانجهه‘ وڄايو هو
’راڳي‘ سان نينهن نڀايو هو
جنهن پنهنجو پاڻ ملهايو هو
سو سنڌڙيءَ جو سرمايو هو.

هڪ املهه مهان فنڪار هيو
ٿيو ’ٻيجل‘ سو ٻيهار هيو
جنهن کي سر ساگر سان پيار هيو
جنهن جو جڳ ۾ ناماچار هيو
هو لوڪ سنگيت جو باب هيو
افسوس! اهو اڄ ٽُٽجي ويو.

جنهن مٺڙا سر آلاپيا ها
جنهن مڌر لهرا وڄايا ها
جنهن نينهن جا نغما ڳايا ها
۽ ماڻهو مست بڻايا ها
سو ’الغوزو‘ اڄ آتو آ
جنهن ساڻ ڇڄي پيو ناتو آ.

سنگيت کي جنهن هڪ ساز ڏنو
من موهڻو عجب آواز ڏنو
آلاپ کي نئون انداز ڏنو
ورلاپ کي ’سوز‘ گداز ڏنو
سو مصريءَ کان وڌ مصري هو
۽ مور نه سگهندو وسري سو.

o

## ماٺيٽي اوتي جي ياد ۾

جيون کي پروس ڏٺو، نو،
موت کي پنهنجي وس ڪيو، نو،

’سهڻيءَ‘ کي پي مات ڏيئي وئين،
ري نرهي هو جر جهاڳيو، نو،

جوين رت ۾ جاڙ جيئڻ ڪان،
موت کي بهتر آ پاتئيو، نو،

آهه آهه قاضيءَ جيئن ’سندوءَ‘ کي،
اربي پنهنجو پاڻ چڙهيو، نو،

پنهنجي ڪونا ۾ جيون کي،
’ڪاريهر جو ڏنگ‘ ڇهيو نو،

ماٺيٽا پر مات ميٺ ۾،
همت پريو ڪم ڪيو، نو،

خالد حسين
صدر

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

